# اینجھلیو یر

شاعراٹو نثر



تاجل بیوس



تاجل بیوس

# اڌبن جهليو ٻور

[شاعراڻو نثر]

تاجل "بيوس"

سنگم پبليڪيشنس
37- يوني پلازا، آءِ - آءِ - چندريگر روڊ،
ڪراچي سنڌ.

اداره سنگم پبليڪيشنس جو سورهون ڪتاب (ٻيو دفعو)

ڪتاب جو نالو : انبن جهليو ٻور
موضوع : شاعرانو نثر
ليکڪ : تاجل 'بيوس'
ترتيب : ڪرم الاهي چنا
ٽائيٽل : فتاح هاليپوٽو
ڇاپيندڙ : ميسرس سنگم پبليڪيشنس، ٣٧- يوني پلازا، آءِ. آءِ. چندريگر روڊ، ڪراچي.
ڇاپو پهريون : آڪٽوبر ١٩٨٣ع، واحد آرٽ پريس، ڪراچي.
ڇاپو ٻيو : فيبروري ١٩٨٥ع، شهباز پريس، حيدرآباد.
قيمت : ٻارهن روپيا.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Title : ANBAN JHALIO BOOR
(Mango-Trees at full Blossom)
Subject : Poetic Prose
By : TAJAL 'BEWAS'
Edited by : Karam Illahi Channa
Published by : M/s Sangam Publications,
37-Uni Plaza, I.I.Chundrigar Road.
Karachi. Sindh.
Printed At : First Edition. Oct. 1983,
Wahid Art Press, Karachi.
Second Edition. Feb. 1985,
Shahbaz Printing Press,
Talik Incline, Hyderabad Sind.
Price : Rs. 12.00

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**ڌرتي ۽ ڌرتيءَ ڄاين،**
**جي نالي —**

جن منهنجي ذهن ۽ شعور کي ايڏو ته زرخيز ڪري ڇڏيو آهي، جو آءٌ زرخيزيءَ کي محسوس ڪندي، چئي ڏيندو آهيان:

شال! مون ۾ ايڏي سگهه پيدا ٿئي جو **سنڌ** ن ٿورا لاهي، ڪي گهڙيون ڪُلهن ڪي ساهي پٽرايان.

— تاجل "بيوس"

## پبلشر پاران

ڏرتيءَ جي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار تاجل ’بيوس‘ جي انمول ڪتاب ”اڻپورا سپنا“ (؟) — ”انبن جهليو ٻور“ جو ٻيو ڇاپو پڙهندڙن لاءِ حاضر آهي. اسان جي اداري لاءِ هيءُ ڀيرو موقعو آهي جو ڪو ڪتاب ايترو جلد ٻيهر شايع ڪري رهيا آهيون. ۽ تاجل ’بيوس‘ لاءِ پڻ اهو اعزاز آهي، ته سنڌي لکڻين کي پڙهندڙ ايترو پسند ڪن ٿا جو سندس ڪتاب هڪ سال بعد ٻيهر ڇاپڻو پيو. حالانڪه ان موضوع تي ڪن مشهور ليکڪن جا ڪتاب به پڌرا ٿي ويا آهن.

اسان جلدئي تاجل ’بيوس‘ جا ٻيا ٻه ڪتاب: ”اڇو پاڻي اڙتيو“ جيڪو سندس جديد ۽ ترقي پسند ڪهاڻين جو مجموعو آهي. ۽ ”سرجيندڙ ساڻيهه جا“ ۾ زندگيءَ جي سرجيندڙ مثلاً هاري، ڪنڀر، ڪوري، واڍي، رازي، لوهر ۽ مزدور وغيره جي ساراهه ۾ بيت ڇپيل آهن.

اوهانجو ساٿي

**ڪرم الاهي چنا**

فيبروري ١٩٨٥ع

اُٿيا آھن اڄ، وِڄُ لڪائي ريس ۾
ڏجھَ! تنھنجي وات ۾، ٻاٽي ٽڪرو وِڄ
ڏِسا ھتان ڀڄ، نہ تہ مِرون ٽمبندءِ مامرا

ڇيلا ڇيڪاري - ڌيسر ٽپي ٽيڪري
آجن کي، آھن مان، ڀاڙي ٽي ٻياري
ھون کي ٿو ماري - نظارو اِن نسار جو

ڇڪي گلبلي - ھڻ نہ اِنھيءَ ھنج کي
جتي ڪٺي جنڊڙي، ڪانھي اڪيلي
ٻيلھہ اٿئي ٻيلي سڀ پکي ھِن سرچا

تاجل بيوس

# سوُن - مياڻيءَ سڏ ڏيو

ماڻهو ۽ قدرتيءَ جي الڳ لاڳاپن تي مان جڏهن به ويهي سوچيو آهي، تڏهن انهن ٻنهي شين جيڏي مهان ۽ مٺيري ڪا ٻين شيءِ مونکي نظر ئي ڪانه ايندي آهي. مان جڏهن به قدرتيءَ سان روح رهاڻ ڪرڻ ويندو آهيان ته منهنجي ذهن ۽ شعور تي فقط قدرتيءَ جو ئي واسو هوندو آهي، جيڪا ڪڏهن ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ وهاري، مونکي پنهنجي آپريل ڇاتيءَ سان کير جا ڪٽورا پياريندي آهي ته ڪڏهن ڪنهن باغ ۾ ويهاري چوندي آهي: "هو ڏس! هن گجر جيڪو گل پٽيو آهي سو سنديس هٿ ۾ ڪيڏو نه سهڻو ۽ تازو پيو لڳي!" ڪڏهن چوندي آهي:

"هو ڏس!

هن ٻوڪيل انبن جي ٽارين کي سيرون ڏيئي، هوءَ مالهڻ مونکي گل پٽي آڇي.

هو ڏس!

هوءَ منڊي ڪڪري، ٽڙ وارن کي ٻلر پيارڻ لاءِ ٽڙ ڏانهن اڏائي پئي وڃي.

هو ڏس!

ڪانهن جي تازي نسرېل ڏيڍي تي ڪنڃي لائيون پئي لنوئين.

[ انهن جهليو نور ]

## هو ڏس!

هُن پورهيت جي پيشانيءَ تي پگهر ڦڙا مُنڊيءَ جون ٽڪون پيا لڳن.

## هو ڏس!

هوءَ پاڳيائي چاڏيءَ تان ڏيکڻ لاهي، چاڏيءَ ۾ نهاري ڇوي پئي ته روشنيءَ جي جهڪڙن کا حسين ڪائنات آهي ته آها سنڌيس ڪير. مکڻ واري چاڏي ڏي ٿي سگهي ٿي.“

۽ پوءِ منهنجي ذهن ۽ شعور مان گشت ڪندا، منهنجا گيت ڪنهن ڪاڳر تي جنم وٺندا آهن.

ماڻهوءَ ۽ مٽيءَ [Man and Soil] جا مونکي سوين روپ نظر اچڻ لڳندا آهن. ساڻس جي ڪردارن سان سينگاريل عنوان منهنجي ذهن ۽ شعور جي تلاءَ تي هنج ۽ سرخاب بڻجي لهندا آهن. عنوانن جي ميڙاڪن کي محسوس ڪندي، مان چوندو آهيان ته اهي تخليقن جا ڪردار آهن يا ڪنهن گيت مان ڦٽيون چونڊيندڙ ڳوٺاڻيون!

بس، اهڙيءَ طرح ڌرتيءَ جي سونهن ۽ سندرتا ايڏو ته پهڪي پوندي آهي جو مونکي آسڪر وائيلڊ جو جملو دهرائڻو پوندو آهي، جنهن چيو آهي:

”فطرت منهنجي نگاهه کي تازو ۽ تيز ڪندي آهي.“

شيخ اياز جو هيٺيون شاعرانو نثر ذهن تي ڪيلي رچٽ چٽي ويندو آهي.

”اي سنڌ! تون ماءُ آهين.

مان تنهنجي ڌرتيءَ مان شاعرانو مواد اپٽن حاصل ڪندو آهيان

”ڏاهو ڪير؟
آهو جيڪو ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ڪري.
نه نه، تنهنجو جواب اڌورو آهي.
ڏاهو آهو آهي جيڪو نه رڳو ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ڪري پر انهن پنهنجن ڪيل ڳالهين تي خود پاڻ به عمل ڪري ڏيکاري.“

★

”هيءَ منهنجي ڏي وڏيل چنگهه ٿي، جنهن جي هڏين ڪي تراشي، مان تير ٺهيو ناهيان جيڪي سچائي مون ڪي ويريءَ جي وجود تي ڪتب آڻا آهن.“

٢٢ – سيپٽمبر ١٩٨٣ع

تاجل ”بيوس“

[انبن جهليو ٻور]

١

**تون** مونکي ’**ڪارونجهر**‘ جي چوٽيءَ تان ڌڪو ڏيئي، ڪڏهن به ختم نه ڪري سگهندين، ڇو ته هيٺان، منهنجي ڏي ڌرتي آهي، جيڪا مونکي پنهنجين ٻانهن تي جهٽي وٺندي.
تون جيڪڏهن مونکي اهڙيءَ طرح ختم ڪرڻ ٿو چاهين، ته ڀوءِ آلپس يا جبرالٽر تي وٺي هل.

٢

**تنهنجا** پيلا گهڙا سوين سهڻين کي ٻوڙڻ هوندي به اگهامي ويا. مان اڃان سوڏو پنهنجن پڪن **گهڙن** تان، آويءَ واري خاڪ مٽائي نه سگهيو آهيان. تون نڏهن ته چوين پيو ته، مان تو کان ڪيترو نه پٺتي رهجي ويو آهيان!

٣

**مان** توکي پنهنجي **پٽڙ** تان ٽپڻ ڪونه ڏيندس، ڇو ته سپائي هتان **چامڙ تماچي** اڪرڏو آهي جيڪو مونکي ميارون ڏيندو. توڻي نه **نوريءَ** جي مائٽن کي ڪينجهر تان تڙايو هو.

٤

**هيءَ** منهنجي ڏي ويڙهل جنگهه اٿئي، جنهن جي هڏين کي تراشڻ، مان تير پيو ناهيان، جيڪي سپائي مونکي ويريءَ جي وجود تي دڪتب آڻڻا آهن.

٥

مان ڏات جو سورج اپاري، اڳتي وڌيس. منهنجين مايوسين منهنجي ڏات جي سورج کي ڌنڌلو بڻائي، هر شام کي منهنجي منزل جو آخري پڙ مقرر ڪيو. پوءِ به مون ۾ ايترو حوصلو آهي، جو مان هڻ تمڪندڙ ڏٺي کي هٿ ۾ کنيو، صبوح جا پيرا کڻي رهيو آهيان.

٦

چون ٿا ته سنڌوءَ مان هڪ هلڪي سرخ رنگ جي لهر اٿندي آهي.
مائرن جي امرت ڀريل ڇاتين مان سفيد رنگ جا لڙڪ ڳڙندا آهن.
ڌرتيءَ جي اپريل ڇاتيءَ ۾ هڪ زوردار تير لڳندو آهي.
جڏهن ڪنهن ڪاري ڪيل سهاڳڻ جي ڪوٺيءَ جهڙي نرم جسم تي ڪهاڙيون رقص ڪنديون آهن.

٧

او ڌرتي ! او منهنجي ماءُ !!
تون چوين ٿي ته مان تنهنجي تعريف ڪرڻ ڇڏي ڏيان! تون گستاخي سمجهين يا بي ادبي. گونگو رهڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي، منهنجي جيجل !
تون جيستائين پنهنجو جلوو، پنهنجو جمال پسائيندي رهندينءَ، مان تيستائين تنهنجي تعريف ڪندو رهندس. سچ پچ، جڏهن به تنهنجو حسن ۽ جمال ڏسان ٿو، مون کان دانهن نڪري ٿي وڃي. مان بي خود ٿي ٿو وڃان. ان وقت منهنجي سوچ تي، منهنجي

شعور تي، تنهنجو ئي قبضو هوندو آهي ۽ مان فقط تو ۾ ئي گم هوندو آهيان.
پر هان، منهنجي واتان پنهنجي تعريف ٻڌي، ڪڏهن ڪڏهن تون ڇو پڇندي آهين تہ ڇا برابر تون ايڏي خوبصورت آهين، جيڏي مان تنهنجي تعريف ڪندو آهيان؟
منهنجي ماءُ!
ڇا تون سچ کي سچ چوڻ نٿي چاهين؟
ڇا واقعي تون پنهنجي سونهن، پنهنجي حسن کان بي خبر آهين؟!
ماءُ! تون اهڙن احساسن جو ڇو ٿي شڪار ٿئين؟
مونکي چوڻ ڏي جيڪي مان چوڻ چاهيان.
هو ڏس!
هوءَ ڳوناٺي شرميلي ڇوڪري ڇُنيءَ جو ڪانبو ٻڌي، ڦولاريل، سرنهن جي کيت مان ساڳ ۽ ڳنر پٽي پئي.
هو ڏس!
هُن ڪٺنگ مان هوءَ ڏنارڻ مينهن جي پٺيءَ تي ويهي، نيلو فر گلن جي قطارن وچ ۾، ڪُمن ۽ ٻيهڻ سان جهول پرينديُ، ڪچي کان پڪي ڏانهن پئي وڃي.
هو ڏس!
هوءَ هاريائيءَ جي ڏيءَ ستي تي مانين جو ٿهو ۽ ڪچ تي لسيءَ جو ڪينگر کنيو، بنا ٻپ ڏاءَ جي ننڍهڻ اس ۾ هر هلائيندڙ پنهنجي پيءُ ڏانهن پئي وڃي.
هو ڏس!
باک ڦٽي آ ۽ هُن سرَ تي کير جهڙا اجرا هنج پيا لهن.
هو ڏس!
هُن کوهہ تي ٻہ ڳوناٺيون ڇيلهہ تي گهڙا کنيو پنهنجي

واري جو انتظار ڪري رهيون آهن.

هو ڏس!

هوءَ ڪونجن جي قطار ڪُرلائيندي، واپس وطن وڃي رهي آهي ۽ هيڏانهن هوءَ اڪيلي ڇوڪري نرڙ تي هٿ رکيو ڪيڏي نه خوبصورت انداز سان ڪين ڏسي رهي آهي!

هو ڏس!

هوءَ مائهون انب جي ٻوڪيل ٽارين کي سيرون ڏيئي مونکي گلاب ۽ رابيل جا هار پئي آڇي.

هو ڏس!

هوءَ ٻاڪُن - ٻري منرو هتائي، چانڊوڪي ۽ نهاري، ڇوي پئي ته: جڏهن روشنيءَ جهڙي ڪا حسين ڪائنات آهي ته سندس ڪير واري ماڻي ڏي تي سگهي ٿي.

٨

جڏهن مران، ته مونکي سنڌ جي ڪنهن بنجر زمين ۾ پوري ڇڏجو، ڇو ته جنت جي پسار ڪرڻ بدران، مونکي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ وري اوهان وٽ موٽي اچڻو آهي. ٻېرن جي ٻلڙن جي روپ ۾، ٻيرين جي پيلن گلن جي روپ ۾، ٻر ان ڪان وڏيڪ مان ٻاجهر ۽ ڪڻڪ جي تيلن جو روپ وٺي ايڻ ٿو گهران، جيئن مان ڪنهن نه ڪنهن انسان جي پيٽ ڀرڻ جي ڪم اچي سگهان.

٩

هون جڏهن آفريڪا جي هڪ ڏڪاريل ملڪ جي ڪارن ماڻهن جون هڪ اخبار ۾ ڇپيل، هڏاون پڃرن جهڙيون تصويرون

ڏنيون تہ مونکان وحشت ڀري رڙ نڪري وئي هئي. هتن تي هٿو ٽيڪيندي، مون جهيڻي آواز ۾ چيو هو:
اي خالق! تو انسان جي ڪتب اينڌڙ هر شيء لاء ماپا ۽ ماڻ مقرر ڪري، ڪنهن کي ڀري تہ ڪنهن کي پاڪر، ڪنهن کي ڪاسو تہ ڪنهن کي ٽوبيو تہ عطا ڪيو، پر ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها، جيڪڏهن پيٽ جي ڪڌ ڀرڻ لاء آن داڻن جي ورچ هڪ جيتري ڪرين ها.

١٠

هڪ ڏينهن پاڻيء جي خدمتن جي واکاڻ ڪندي، خدا فرمايو:
”اي پاڻي! تو هن وقت تائين منهنجن لکن ۽ ڪروڙن بندن جي پئي اڃ اجهائي آهي. جيڪي گهرڻو ائي سو گهر.“
پاڻيء جواب ڏنو:
”اي خدا! تو مونکي ماڪ ڦڙن جي صورت بخشي، گلن جي مکڙين تي جنم ڏئي، ايڏي تہ سونهن عطا ڪئي آهي، جو منجهي ڀيو آهيان، تہ ان کان وڌيڪ ڀيو مان توکان ڇا گهران!“

١١

او ڏرتي! او منهنجي جيجل!!
ڪو توکي فقط بال سمجهي، ٺڏي رهيو آهي تہ ڪو گدرو سمجهي، توکي قارون قارون ڪري رهيو آهي.
تڏهن تہ جڳ مشهور روسي شاعر حمزي رسول چيو هو:
”او ڌرتي! اڄ تہ مان توکي سيني سان لڳايان.“
لکين ۽ ڪروڙين سال گذري چڪا آهن، مان ڏسان پيو، منهنجي جيجل! تہ اڄ بہ تنهنجيڪکمان پيدا ٿيل انسان تنهنجي آڱريل

ڇاتيءَ ۾ سنگينون تنيون رهيو آهي.
۽ مان،
او منهنجي جيجل!
وحشت ۾ اچي، تنهنجن قدمن تي چولي جا پٽها رکي، مٽن
هلڪڙيون ڇميون ڏيئي، خشڪ ڇپڙن کي ريئو ڪري، تنهنجي
هر قاتل جو ٻچو ڪري رهيو آهيان.

١٢

ڏسو نتا ته پاڻيءَ جي هر تلاءَ تي لڏڙن جو قبضو آهي! هڪڙا
لڏڙا پنج هنيو، اجرو پاڻي لٽڙيو ڪيو ڇڏين ته ٻيا وري متون
ٻري، وڃيو ڇانوري ۾ هارين.
وقت جا بگل ۽ الارم هر هر وڄي، ايندڙ خطرن کان آگاهي
ڪري رهيا آهن ٻر هرڪو ٻوتي تاڻيو، ستو پيو آهي.
آئو آهيڙين جا ٻچڙو!
آئو شڪارين جا پٽڙو!!
ڪاهيو پنهنجا ڪتا، کڻو پنهنجا ڏنڊا، ته پوري سر منجهان
لڏڙن جي لوڏين کي هڪالي ڪڍجي، جيئن سڄ ايرڻ کان
ٻوءِ واريءَ مٿان لڏڙن جي پيرن ۽ ڍيرڙهن جا فقط نشان
رهجي وڃن.

١٣

چيخوف جي رچنائن جي هماليا تي تخليقي عمل ۽ سماجي
ڪارج جا هر وقت مونکي آبشار وهندا نظر ٿا اچن. سندس
رچنائن جي اهڙي رچاءَ جو خاص سبب اهو ئي سگهي ٿو، ته
چيخوف جا وڏا غربت ۽ غلاميءَ جو شڪار ٿيل هئا. منهنجا

وڏا ته، چا! پر ننڍا به غربت ۽ غلاميءَ جو شڪار ٿيل آهن. پوءِ ڇو پلا منهنجون رچناڻون هيل ڏاڍيون نه ڪنهن ڪبر ڌر ڪي جنم ڏئي سگهيون آهن ۽ نه وري ڪنهن آبشار کي!

۱۴

ڏون تو چوين ته مان نه لکندو ڪيان؟ پنهنجي ذهن جي زرخيريءَ جي ٽوڪي کهڙي ڳالهه پڌايان. قلم ۽ ڪاغذ تي نظر پوڻ سان ٿي منهنجي ذهن تي عنوانن جا ميڙاڪا ٿا لڳي وڃن، اٿين جيئن ڪنهن کيت ۾ ڦٽيون چوندبيندڙ ڳوناٺيون. يا بسنتي رت ۾ سنڌوءَ مٿان رنگ برنگي دريائي پکين جون قطارون. اکيون ٿو پوتيان ته * بڪنسن اسلي پنهنجي باغ ۾ شاه بلوط جي وڻ کي ٽيڪ ڏيو، چارلس وادس ورت جي ذڪر ڪان ڇوٽڪاري وٺڻ لاءِ هر وقت ڪا نه ڪا نظم لکندي نظر ٿي اچي.

۱۵

شاعري ڪندي، کهاڻين لکڻ جو تحفو مونکي اٿين مليو آهي، جيئن يونان جي بادشاهه * پيلياس حي سٺوت * جئسن کي ڪارو سمنڊ جهاڳڻ کان پوءِ شاه بلوط جي وڻ ۾ ٽنڪيل

---

* آمريڪا جي برک شاعره، جيڪا وادس ورت تي اکن ڇڪن ٿي پئي هئي ۽ جڏهن کيس خبر پئي ته. وادس ورت اڳ ۾ ٿي ٻن ٻارن جو پيءُ هو ته سنديس لونءَ لونءَ لهسجي پئي هئي ۽ ان کان پوءِ هوءَ پنهنجن هٿن سان لڳايل باغ ۾ وڃي دل وندرائيندي هئي.

’سونيون تارون‘ ملڻ سان گڏ ڪيس اٿان جي بادشاه جي گلن
جهڙي نازڪ ۽ کير جهڙي اجري وڏور ڌيءَ * ميڊيا ملي
وئي هئي.

١٦

**او ڌرتي!**
مونکي منهنجي ذات موٽائي ڏي، جيئن مان وري توکي گيتن
جا هار پارائي سگهان. سچ پچ مونکان ڪوبہ ٻيو ڪم ٿيو
نٿو ٿئي.

١٧

**اي دوست!** هنن پئسن مان آءٌ توکي هڪ روپيو بہ خرچ
نٿو ڪري سگهان، ڇو تہ هي پئسا پوريءَ بازار ۾ پنهنجون
تخليقون وڪڻي مون گڏ ڪيا آهن، جن مان مونکي رائفلون
۽ گوليون خريد ڪرڻيون آهن.

١٨

**انهن** کي بہ تہ ماڻهو ٿو سڏجي!، جيڪي ڌرتيءَ جي گولي
کي ڪنهن **لاما** جو مٿو سمجهي، پاڪيءَ جا ابتا سبتا رهڙڪا
ڏيئي، سندس سونهن ۽ سندرتا کي چٽ ڪيو ٿا ڇڏين!

١٩

ڇا مان پنهنجن ڪبوترن مٿان تنهنجي اڏنگيءَ اڏام کي اجان

* يوناني ڏند ڪٿائن تي ٻڌل ادبي ڪهاڻيءَ جا ڪردار.

به خاموشيءَ سان ڏسندو رهان؟
**اي عقاب!** ڇڱو ٿئي ته اهي اوڌر تي ورتل سون ـ ورنا پَر ۽ ڪنڀ هاڻي ٿي لاهي ڦٽا ڪر يا اوترين ڦڙڪيون هڻ، جيئن سڀاڻي جيڪڏهن اهي پَر ۽ ڪنڀ توکان واپس به ورتا وڃن ته تون پنهنجي اصلي اڏام برقرار رکي سگهين.

٢٠

**ڄام تماچي** ۽ سندس دوست هٿ ۾ هٿ ملائي ڪينجهر جي ڪپ تي پسار ڪري رهيا هئا. نوري ٻيڙيءَ جي پاڇل تي پاڻيءَ ۾ پير لٽڪايو ويٺي هئي ۽ ٻانهون ٿلهائي ڪنڌيءَ کي ماٺي جل تي اڇلائي ڇڏيائين. ڄام تماچيءَ کي سندس دوست چيو: ”تو ڪارڻ ۽ ڪوجهن مهاڻن سان ٻٽي ڪري سٺو نه ڪيو.“
آن وقت نوري پاڻيءَ مان پير ڪڍي، پنهي هٿن سان ڪنڌيءَ ۾ ڦاٿل مڇيءَ کي ڇڪي رهي هئي. مٿان هنج اڏامي رهيا هئا ۽ اتر جي هوا تي ڪنول جا گل پاڻيءَ مٿان رقص ڪري رهيا هئا. تماچيءَ ٻوڙي وڃي ڪنڌيءَ مان موراکي ڪڍي ۽ پوءِ ٻئي چڙهيا ـ تماچي ۽ نوري ـ اڪيلا اڪيلا ٻيڙيءَ جا پڳهه کڻي ڏانگهو ڇڏي تار ڏي روانا ٿي ويا. ۽ ڪنڌيءَ تي پنڊ پهڻ جيان بيٺل تماچيءَ جو دوست، کين ڏسندو ئي رهجي ويو.

٢١

**مون** جڏهن * رچرڊ لي ولن جو ناول پڙهي پورو ڪيو تڏهن

---

* ويلس [انگلستان] جو رهاڪو، ڪلاسيڪي ادب جو هڪ برک تخليقڪار.

موٽڪي ڇڏي ڏي، ته مان ڪائنات جي هرهڪ شاهڪار جي حسن جي تعريف ڪندو رهان. انهن نه ڇهو ته مومل جي حسن جي واکاڻ رڳو راڻي کي ئي سونهين ٿي. مومل مون وٽ به آهي. سنديس اک وڻندي، ته مان سنديس اک جي تعريف ڪندس. سنديس هٿ ۾ ڪو گل هوندو ته مان ان گل کي ساراهيندس انهن نه سمجهه ته مان ايراني شاعرن وانگي رڳو گل ۽ بلبل رباب ۽ شباب جي تعريف ڪرڻ جو ٺيڪو کنيو آهي. ٿورو سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. هان، هيءَ به ٻڌي ڇڏ ته مان * آسڪر وائيلڊ وانگي "جمالياتي تحريڪ" جو نڪي رهنما آهيان ۽ نه وري ڪو ڪارڪن. خوبصورتيءَ جي تعريف ڪرڻ جو منهنجو بنيادي مقصد انسانن مان بدصورتيءَ جي جذبي کي ختم ڪرڻ آهي.

۲۵

هان ڏکي ڏانهن ڏس! جيڪو آهر مان منهن ڪڍي، پنهنجي مالڪ جا ڪلها چٽي رهيو آهي.

اي انسان جا بچا! تون جيڪڏهن ڪنهن دکي انسان جي

---

* انگلستان جو هڪ برک ليکڪ، جنهن تي الزام لڳايا ويا هئا ته هو ڇوڪرن کي خراب ٿو ڪري. هڪ اميرزاديءَ عدالت ۾ سندس خلاف ڪيس داخل ڪرائي کيس ٻه سال ٽيپ ڏياري، پنهنجي غصي کي ٺڏو ڪيو هو. نه فقط ايترو پر جيل خاني مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ به آسڪر کي جلاوطن ٿيڻو پيو هو.

دکن کي ڏوڻي صاف نه و ڪري سگهين ته ٻوء ڪنهن کي
ڏيکاريو ويو ته.

٢٦

تون ائين ڇو چوين ته؟ ته ڪينجهر جي ٻنهي ڪپن تي اهي
مهائن جون ميائيون آهن.
جڏهن تون ان ڏاڏن واري ٻوليءَ ۾ سائن ڳالهائي ڏسندين ته
پوءِ توکي پتو پوندو ته انهن ميائين ۾ ڪير ٻيا رهن.

٢٧

تون ڪالهه آيو آهين ۽ پوءِ به مون کان ٻچي رهيو آهين،
ته مونکي تهذيب ڪنهن سيکاري!
مون وٽ ان سوال جو جواب تنهنجي رڏڻي مان لڌل هي
مرڙو ڪاغذ آهي، جنهن تي موهن جو دڙو ڇاپيل آهي.

٢٨

تون چوين پيو ته * گارشيا مارڪوئس واري نوبل پرائيز
تي مونکي ساڙ ٿيو آهي! ان ته منهنجي ذهن کي زرخيز ڪري
شعور ۾ سگهه پيدا ڪئي آهي. هاڻي تخليق جو هر لفظ عقاب
يا ڪبوتر بڻجي ٿو نڪري. هان، ٻڌي ڇڏ، ته مان پنهنجي
'نوبل پرائيز' کي عقاب جي چنبن ۾ نه، پر ڪبوتر جي
چهنب ۾ ڏسڻ ٿو چاهيان.

---

* لاطيني آمريڪا جو مهان اديب، جنهن کي سال ١٩٨٢ع
جو سندس ناول 'هنڊريڊ ييئرس آف سالييٽيوڊ' تي نوبل پرائيز
مليو.

هو ڏس! هنن پورهيت جي ڳٽن تي پگهر ڦڙا منديءَ جون
ٽڪون پيا لڳن.
تون پوءِ به مون کان پڇين پيو ته منهنجي من ۾ هي سارنگ
جهڙا گيت ڪيئن سرجندا آهن.

٣١

تنهنجو مذهب؟
او ...... هن اڪيلي بيٺل ڳهاتي بڙ جو ئي منهنجو ساڳيو
مذهب آهي.

٣٢

تون اها ڳولي هن وڻ تي ويٺل ڪبوتر تي وڃائي بدران
واپس پنهنجي وجهي ڇڏ، جيئن سياڻي تون اها ڳولي ان وڻ
جي وڻندڙ تي ڪتب آڻي سگهين.

٣٣

او ...... هو وڻ ڏسين پيو؟ ان وڻ جي ڳالهه تي ڪير، ته
جڏهن تون ئي مان متيءَ جو سڏ سڻي، ڪنهن اڻ ڪٽ سفر
تي آسهي ويندا سين ته پوءِ به اهو وڻ، هر مسافر کي ڇانو پيو
ڏيندو.

٣٤

مان ڇو تنهنجا پيرن جا بوٽا پنهنجي توتن ۾ انبن جي باغ ۾
لڳائي، ڦر ۾ تبديل هر تاريءَ کي زخمايان! تون اهي بوٽا
واپس کڻي وڃ، نه ته منهنجي ذات مونکان رسي ويندي

٣٥

منهنجي محبوبا!
تون ٽيسٽائين مون ٽان زلفن جي ڇانو نه هٽاءِ، جيسٽائين منهنجا عمر ڀر جا گناهه ڌوپي نه وڃن.

٣٦

تنهنجي وڪر ڪان هرڪو نفرت پيو ڪري، ڇوته تون ڪاري ٻتي تي ڪنيو، وڏا واڪ ڏئي، پنهنجو وڪر، هر آئي وئي کي پيو آڇين.
مان اهو وڻجارو آهيان، جنهن پنهنجي وڪر جا اڃان تائين مٽ نه آڇيا آهن ۽ تون چوين پيو ته مان توکان ٻتي رهجي ويو آهيان!

٣٧

تون هر دفعي ٻتائيءَ جي مخالفت پيو ڪرين! ڇا ٻتائيءَ جي "مهان هڪوي" هئڻ جو اهو ثبوت ڪافي ناهي؟

٣٨

مان سنڌ جي انب جون ٻه ڦارون ملائي، پنهنجي محبوبا جي چپن جو خاڪو ناهي رهيو هيس، ته اتان جهور پوڙهو هڪ انگريز لانگهائو ٿيو جيڪو منهنجا هٿ هٽائي، ٻنا ٻچا ڪچا جي انب جون ٻئي ڦارون کائي ويو.

٣٩

تو نڪاهه ڏني، ٽڙڪي پيل گول گول ڏاڙهون ته ڏنا هوندا. بس هر فلسطينيءَ جا گهاوُ لڳب پڳب انهن ڏاڙهن جهڙا اٿئي.

٤٠

سقراط جڏهن انساني غفلتپڻو محسوس ڪري ورتو هو، تڏهن ئي ڪيس ”سچ“ جو ڳولهائو ٿيڻو پيو هو. جنهن لاءِ چاڻ ۽ چاڻ مان ڦٽتي نڪرندڙ ڏاهپ ـ ٻه اهم وسيلا مقرر ڪيون هئائين.

سقراط جي مقابلي ۾ تو اَن ڪتابن جا پڙهيا آهن ۽ پوءِ به تو ۾ چاڻ ۽ چاڻ مان ڦٽتي نڪرندڙ ڏاهپ پيدا نه ٿي سگهي آهي. اهوئي سبب آهي جو تو پنهنجي ادبي سٽر مٿان ڪنهن هڪ به سچ جي سرخاب ڪي اڏامندي نه ڏٺو آهي.

٤١

تو مونکي ”ڏاهو“ سڏي، سچو ڪم خراب ڪري ڇڏيو. هاڻي نه تو وارو ڏاهو لفظ منهنجي ذهن مان نڪري ئي نٿو. اها ڏاهپ واري ٻوڏ شايد منهنجي ذهن ـ ڌارا جو وهڪرو ئي بدلائي ڇڏي! پلا ائين نٿو ٿي سگهي جو هر ماڻهو ڏاهو ٿي پوي ۽ پوءِ ڪنهن هڪ کي ”ڏاهو“ سڏڻ جي ضرورت ئي نه ٿئي؟

٤٢

ڏاهو ڪير؟

”اهو جيڪو ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ڪري.“

”نه، نه. تنهنجو اهو جواب ڪافي ناهي.“

”ڏاهو اهو آهي جيڪو نه رڳو ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ڪري، پر پنهنجين انهن ڳالهين تي خود پاڻ به عمل ڪري ڏيکاري.“

٤٣

## بيوقوف ڪير؟

”اهو جنهن کي ماڻهو بيوقوف سڏين.“
”نه، نه، تنهنجو اهو جواب ڪافي ناهي.“
”مان انهن ماڻهن جي به پرک لهندس، جن ماڻهن منجهان اهو بيوقوف پيدا ٿي پيو هجي، جو ته ڪنول هميشه گدلي ۽ ماٺي پاڻيءَ مان ڦٽي نڪرندو آهي.“

٤٤

ڀان ٿئي؟ ”انبن ٻور جهليو“ هو. ٻڪين صبح جا راڳ چيڙيا ها. ڀونئرن نچ وڄايا ها. گلن ۽ غنچن، ماڪ ڦڙن سان مکڙا ڌوتا ها ۽ ٻوه ڪرڻن جو لباس ٻهري، انهن گلن ۽ غنچن تنهنجو انتظار ڪيو هو. تون واهيءَ جي ڪپر تان چال ڏيندي، اچي گلاب جو گل پٽيو هو، جيڪو تاريءَ ۾ هئڻ ڪان وڌيڪ تازو ۽ سهڻو، تنهنجي هٿ ۾ لڳو هو. مٿان انب جي ٻور مان طوطي ’ٽيون‘ ’ٽيون‘ جو شور مچايو هو، جنهن تي تنهنجي هٿ مان گل ۽ منهنجي هٿ مان گلبل ڪري پئي هئي.

٤٥

”خبردار! مٿان مون ۾ ٻير ٻسايا ٿئي. لهر جو وڪڙ چاڙهي ٻوڙي ماريندا ساڻ. ڪڻ پنهنجا ڪپڙا، ڪر ٻويان پير. صاف ۽ اجري پاڻيءَ کي صاف ۽ اجرو ئي رهڻ ڏي.“
ڦلبليءَ رڙ ڪري، ڏانهس وڌندڙ ماڻهوءَ کي رهڻ پئي.
”مون مباڻيءَ وارو مانگر منهنجي اکيان جيتامڙو دو. هڪ ئي گيت ۾ ٻڙڪائي، نستو ڪري، لوڙهي ڇڏيندي ساڻ. ننڊ ٿي ڪيان ته ننڊ تنا ڪرڻ ڏيو. جاڳان ٿي ته جاڳڻ تتا ڏيو.

گهر ناهي جنهن جي دريءَ منجهان مان توکي ديدار ڪرائيندي رهان. توکي جيڪڏهن منهنجو ديدار ڪرڻو آهي، ته پوءِ ڏينهن تتي جو ڏنبدي هٿ ۾ ڪري، هلي مون کي ڳوٺ واريءَ ڪڏ مان متي ڀوراءِ."

۴۸

هڪ ڏينهن ڏسان ته ڪانءُ ۽ چاريءَ مان جوڙيل پڃري جي متئين خاني ۾ ميان مٺو ۽ هيٺيون خانو چبهن سان پريو پيو هو. پٽڪي چيم ته: "بابڙا! ڪنهن ساهدارکي قيد نه ڪبو آهي. آزاد ڪري اڏائي ڇڏين. ڏس ته ڪليل فضا ۾ اڏامندي، پکي توکي ڪيڏا سهڻا ٿا لڳن!"
ٻورن ڏينهن ڪان پوءِ مون وارو ڪڪو مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو :
"بابا! اڄ ڪهڙي خوشيءَ ۾ ٻڌيرا پيا ڪاٺو؟"
ان ڏينهن منهنجي شاعري مون تيَ ڪلڻ لڳي هئي.

۴۹

هڪ پينو فقير خدا جو واسطو وجهي مونکان پنج رپيا گهريا. مون کيس چيو ته پنهنجي خدا کي چؤ ته سڀ کان پهريان آن، اوچڻ ۽ آجهي جو ڌرتيءَ جي سڀني انسانن لاءِ هڪ جيترو انتظام ڪري، ته پوءِ سندس نالي تان پنج رپيا ته ڇا منهنجي جان به حاضر آهي.

۵۰

مونکي جذبات ۾ ڏسندي مونکان هڪ ديسي دوست پڇيو: "ايڏي ٻتاڪ پيو هئين، ڇا تو سنڌ کي ڇگيءَ طرح ڏٺو وائنو

آهي؟"
ڪيس جواب ڏنو:
"ادا! هائو، مون سنڌ کي عينڪ لڳائي ته ڏنو آهي ته عينڪ لاهي ته."
چيائين: "تو وٽ اهڙو ڏاڻ ڄا ڪو نسخو آهي. جيئن مان به جهٽ پٽ ۾ سنڌ کي ڏسي سگهان."
مان سندس هٿن تي ڀٽائيءَ جو رسالو رکي، خاموش ٿي ويس.

٥١

شعر منهنجي شعور ۾ ولوڙيو رهندو آهي ائين جيئن ماٽيءَ ۾ مهي. جڏهن ڪاڳر تي ايندو آهي تڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ ڪنهن طوطن جي ولر کي آزاد ڪيو اٿم.

٥٢

هڪ ڏينهن ڀٽائيءَ چيو:
"پٽ! تو کي ڪهڙيءَ ڪتيءَ ڪيو آهي جو آيو آهين منهنجو شاگرد ٿيڻ؟"
ڪڇيءَ ۾ ور وجهي چيو مانس:
"مان اهو گستاخ ۽ نه چڱو شاگرد آهيان، جيڪو سواءِ شاگرد ٿيڻ جي واپس ڪڏهن به موٽي نه ويندو."
پڇيائين: "نالو ڇا ٿئي؟"
چيو مانس:
"نالو ڪنيات، پيءُ جو نالو ڪاموڏ ۽ ذات جو ڪاهوڙي آهيان."
"شاباس!"
پڇيائين:
"سچ چئي چائين؟"

وراڻيم :
"هاڻو ، مان سنڌي آهيان، ابن ڏاڏن کان وٺي سنڌ جو رهاڪو آهيان ۽ سنڌوءَ جو پاڻي پيئندو آهيان."
شاباس !!
پڇياڻين :
"پٽڙا ! پيو به ڪو هنر ڄاڻندو آهين ؟"
وراڻيم :
" پنن آڏو هٿ ٽنگڻ بدران سنڌ جي وڻن مان ڏٽ چونڊي گذر سفر ڪري ڄاڻان. اوچتو نه هوندو اٿم ته پاهڻن تي پاسا کوڙي، قرار جون ننڊون ڪندو آهيان."
شاباس ! ! !
...وءِ پتاڻي ڪليو ۽ مونکي پنهنجي اوٺاري ۾ وٺي ويو. ڏسان ته اٿي مونکان اڳ ۾ ٿي هڪ گنڀير شاعر ويٺو هو، جيڪو هڪ وڏو هندي پستڪ پڙهي رهيو هو.

٨٣

ڏون مرڻ کان پوءِ وري جيئندين!
ڇرڻو ٿيو آهين ڇا ؟
پلا پڌاءِ ته تنهنجي مرڻ ۽ وري جيئڻ جي وچ ۾ ڪيترو وقفو هوندو ؟
تنهنجي ان سوال جو جواب هو سچ اٿئي، جيڪو ڇاڻ بادلن مان ٻاهر نڪتو.

٨٤

تنهنجو چندن هار مان چورايو ٿي تڏهن آهي ته، تون پاڻ اچي پنهنجن مينديءَ رتل هٿڙن سان منهنجي اڱڻ ۾ هيءَ چندن

جي چڪي پوکين.
هان، اڄ تنهنجن وارن ۽ ڪاراين ۾ گجرا ڪونهن! اڙي! تون مون سان ڳالهائين ڇو نه ٿي؟؟
مان سمجهان ٿو ته تون منهنجي شاعرانه مزاج ڪري مونتي سخت ناراض آهين.

٥٥

هڪ درويش جنت جون خوبيون بيان ڪري رهيو هو. چي:
اتي هر ڪنهن انسان کي پنهنجن ذاتي عملن جو ڦل ملندو....
مون کيس روڪيندي چيو:
پلا ٻڌاءِ ته سهي، اتي اِنسان، انسان جي ڪم ايندو ؟
چيائين:
ڪهڙو ڪفر پيو بڪين !
مون کيس ٻڌايو ته، قبلا ! مون اڳ ۾ ئي وصيت ڪري ڇڏي آهي ته مان جڏهن مري وڃان ته منهنجو لاش ڪنهن اونهي کڏ ۾ ڦٽو ڪري، ڳجهن، مرڻين ۽ ڪانگن جي حوالي ڪري ڇڏجو جيئن مرڻ کان پوءِ به مان ڪنهن جي ڪم اچي سگهان.

٥٦

تون مون کان گيت کسڻ آيو آهين ۽ پوءِ ماچيس جي تيلي ٻاري کين ساڙي ڇڏيندين، ڇو ته مون "سچ" لکيو آهي. سچ کي ساڙيو ويندو آهي يا کيس سوريءَ تي لٽڪايو ويندو آهي.
پر تون مون کان منهنجا گيت نه کسي سگهندين. مان ڪو ماکيءَ جو مکو ناهيان جو پٺون پئون ڪري توکي ڏيڇاريان.
مون ۾ وڏي سگهه اٿي. هاڻي مان هڪ وحشي راڙ ڪري، توتي حملو ڪرڻ وارو آهيان.

٥٧

پرهم کان پهر سج تائين مان رابيل ۽ رتن جوت جي ماڪ پنل گلن جو پسار ڪري رهيو هئس. مٿان مينهن جون سنهيون سنهيون بوندون برسي رهيون هيون. باغ کان ٻاهر هڪ ڪرڙ تي ٻه پوربون ڏيئهن کي ٽڪي رهيون هيون ۽ سندن ٽپڪن تي پسيءَ جا گل ڇڻي رهيا هئا. پاسي واري ٻڙ تي ڪويل ”ڪوڪو“ وارو گيت سڻائي رهي هئي ۽ منهنجي من ۾ هڪ گيت سرجي رهيو هو. ان ڏينهن مونکي احساس ٿيو هو ته شاعري هڪ اها ’وٿ‘ آهي جنڪا ڌرتيءَ جي نظارن مان ٻه ملندي آهي.

٥٨

زندگي جنڊ آهي يا ڀوت. مون ته ڪيس انڪاس تي چاڙهي هينان ڏاڪڻ ڪيڏي ڇڏي هئي. ٻوه هوءَ هٿن جي وٿين مان پاڻيءَ وانگر ڪيئن وهي وئي.

٥٩

رات پيانيءَ سڏائي چيو: ”ڇا تون منهنجي تنبوري جي تارن تي، مون وانگر آڱريون رکي، سارنگ ڇيڙي، ٿر تي مينهن رهائي سگهندين؟ ڇا تون ٿلل ڪراڙ تي ڪڙيل ڪنول گلن جهڙيون وايون جوڙي سگهندين؟؟ پٽ! مان ٽڪجي پيو آهيان، اٿئي ڪو ٻوتو ٻارڻو ته واهه، نه ته اهو ڪم مان سنڌ ڌرتيءَ جي هڪ ٻئي سمنڊ جيڏي گهري ۽ گنڀير شاعر کي ڏئي ڇڏيندو سانءِ.“

٦٠

**مونکي** ياد آ ته وڏ ۾ وڏ مان ستن - اٺن سالن جو هئس جو اسان سانئڻ ڪتيءَ جو ٿال پري، مونکي ۽ منهنجي ننڍي ڀيڻ ٻصر خاتونءَ کي سنڌو درياءَ تي وٺي وئــي هئي. سنڌوءَ جي ڪپر تي ٻيهي، ڪتيءَ جون منيون ڀــري، سنڌوءَ کي ڀيٽا ڏني هئائين ۽ ڳچيءَ پاند پائي امان کي ياد ڪيل جملا ٻه دهرايا هئا. ان وقت اسين ٻئي ڀيڻ - ڀاءُ، ڪليا هئاسون.
هن وقت امان جا ٿورا ٿو مڃيان جنهن سنڌو درياءَ جي ڪپ تي ٻيهي سنڌي هجڻ جو ٻهريون سبق پڙهايو هو.

٦١

**مومل!** مان تنهنجي تڪليف سهي نه سگهيس. هو ڏس! چندن جي وڻن جو سڄو سارو باغ لڳايو اٿم. جنهن لاءِ مونکي ڏاڍا ڪشالا ڪيڻا پيا آهن. مٿي ٻه مونکي پري ڀري ڪان آڻي ٻئي آهي. اڄتي راڻو جڏهن ٻه تنهنجو مهمان ٿئي ته اٺ جو چارو مونکان ٻئي ونجان. چندن جون خوشبودار ٽاريون توکي ٻهچائي ٻه مان ڀيو ڏيندس. تون رڳو ايترو ڪجان، جو راڻي جي اچڻ جو اطلاع تون ڀاڻ پنهنجي سر ٻئي ڏجانءِ.

٦٢

**ڳچ** تي ڪاوا، نڪ ۾ لونگ، نرڙ تي ڏينيوڙي ۽ وارن ۾ رابيل جا گل - منهنجي نظر جو معراج آهن.

٦٣

مان تنهنجي آڏو هي سڀ هٿيار ڦٽا ڪندس، جيڪڏهن تون مون وانگر منهنجي ٻوليءَ جو ڪو هڪڙو جملو به اچاري ڏيکارين. مان هٿيار ڪٿي تنهنجو پيڇو ڪندس، جيڪڏهن ته پيهر ڪينجهر ڪي ڪلري ڪونيو آهي.

٦٤

تو ۾ ۽ مون ۾ فرق؟
تون پاڻ لاءِ سوچيندو آهين ۽ مان ٻين لاءِ، جنهن ۾ تون پاڻ به اچي وڃين ٿو.

٦٥

هڪ درويش جنت جون خوبيون بيان ڪندي فرمايو ته: جنت ۾ حسين عورتن ۽ ڪپڙو چوڪرن سان گڏ ماکيءَ ۽ کير جا واهه ۽ شاخون به هونديون. هر قسم جا ميوا به هوندا. بس، ڪنهن به ميوي جي خواهش ڪبي ته پاڻمرادو ڇڻي، اچي وات ۾ پوندو ... ....
سندس تقرير روڪيندي، مون ڪانئونس پڇيو ته: درويشڙا! ٻڌاءِ ته ڪارونجهر جي ڪور تان مور اڏامندا نظر ايندا؟ سرنهن جي ڦولارن مان ڪا ڳوناٺي نينگري ڳنر پٽڻ ايندي؟ ٿر جي ڪنهن ڍهر ۾ ڪا پوري ٽپڪيون ڏيئي ڏيلها ٽڪيندي؟ ڪنهن ڍنڍ جي ڪپرن تي ڪنول رقص ڪندا؟ ڪجلي رت جي ڪڪرن وسڻ کان اڳ ڪا منڊي ڪڪري، هوا جي ڪلهن تي سوار ٿي، ٿر ڏانهن دوڙندي نظر ايندي؟ ڪا ڪونج ڇهنب ۾ جوءِ ڪري، ڪچي مٽان ڪرلائيندي؟
چيائين: ڪهڙو ڪفر پيو بڪين؟

[انهن جهليو پور]

مون کيس ٻڌايو ته مون اڳ ۾ ئي وصيت ڪري ڇڏي آهي.
ته مرڻ پڄاڻان منهنجي لاش کي دڪن ٻن پٿن وچ ۾ ڦٽو ڪري
مٿان واريءَ جو هلڪڙو تهه وراڻي ڇڏجو.

تو ۾ ۽ مون ۾ فرق؟
تنهنجي اک مايا جي موهه لاءِ توکان راتاها هٿائيندي آهي
منهنجي اک اجايل چپ ۽ ٻڪايل ٻيٽ ٻئي جاچيندي آهي.

٦٧

آن – اُپائيندڙ بهشت ۾ ويندا ته واهه! ته مان به ڪونه
ويندو سانءَ.

٦٨

آئي ته قرض چڪائي اچون.
سيٺ جو؟
نه، مٽيءَ جو.

٦٩

هان شعر ٿو پڙهان ته وڻ به لامون جهڪائي داد ٿا ڏين.
تنهنجو منهنجو ديس به ساڳو ته ويس به ساڳو آ — پر پوءِ به
تون گونگو ٿو رهين! ٻڌاءِ ته تون منهنجي ٻولي ڪڏهن
سکندين؟

٧٠

ڀـــان اٿئي ؟
تو پاڻ به فرمايو هو ته پنهنجي تخليقن مان موضوع چورائي شعر لکڻ اٿين آهي، جنهن ڦٽي ڪيل هڏين ۾ چوپا ورڻي چوسجن. تون پوءِ به پنهنجين مان - گهڙت تخليقن تي فخر ڇو ڪرين!

٧١

هو ڏس! هن ڏڙيل گلن جي ٽارين کي سيرون ڏيڻي، هوءَ مالهڻ مونکي گل پڻي آڇي.
هو ڏس! هوءَ منڍي ڪڪري ته وارن کي پلر پيارڻ لاءِ ته دانهن ڀوڙندي پڻي وڃي.
هو ڏس! ڪانهه جي تازي نسريل ڏيڻي تي ڪٽڇي لات پڻي لنوين.
هو ڏس! هن پورهيت جي پيشانيءَ تي پگهر - ڦڙا مڻيءَ جون تڪون پيا لڳن.
تون پوءِ به مون کان پڇين ٿو ته منهنجي من ۾ هيءُ سارنگ جهڙا گيت ڪيئن سرجندا آهن!

٧٢

مان هن ڍنڍ تي لهندڙ پکين جو قسم کڻي ٿو چوان ته هي منهنجا پکا گهڙا تنهنجي ڪنهن به مٽيءَ ڪـي نه ٻوڙيندا.
ماڻي ته تون منهنجي دڙباهه تي دانڻ نه نيندين نه ؟

٧٣

ڪبتريون سهاڳڻيون ۽ سنڌن ور رلائـي ماريا اٿئي! مونکي
کهڙي خبر ته تون اڄان سوڌو ساڳيءَ جاءِ تي ٽـڪ ٻڌيو
بيٺو آهين.
گول ماني جهڙي ڪيڪ تـي ڇريءَ ڪـي رقص ڪرائڻ ۽
ٻرندڙ ميڻ بتين کي وسائي ڇڏڻ، مان ڪيئن برداشت ڪيان!
اڄ ته توکي سالگرهه جي رسم کان واقف ڪيان.
اهي ڳال ٿيل ميڻ بتيون وري ٻار ۽ ان وڏيل ڪيڪ جـي
ٻنهي اڌن کي پاڻ ۾ ملائي جوڙي ڇڏ.
هاڻي تاڙي وڄاءِ.

٧٤

ڏو ٿوري وقت ۾ گهڻن کان سنو لکيو آهي. ڏو پـاڻ ائين
ڪڏهن به نه چيو هوندو. اهو ڏوتي ڪنهـن الزام لڳايو آهي.
اڙي! هان، تون ته ائين چئي به نٿو سگهين، ڇاڪاڻ ته تو
ادب جي ڇٽڪ تان جيڪي به گهڙا لاٿا آهن، تن مان ڪنهن
هڪ گهڙي ۾ به تو جيڪي مٽي ڪٽب نه آندي آهي ۽ نه وري
ڪو ڪنهن ڪاريگر وارو ڪمائتو رڇٽ ڇتيو اٿئي.

٧٥

دون پاڻ سر چوين ته ڏات توکان رسي وئي آهي.
اي دوست! توکي اها خبر آهي ته مون وٽ جيڪي به ڏات
ڪڻا آهن انهن مان ڪجهه مون ملهه خريديا آهـن ۽ ڪجهه
دوستن کان اڌارا ورتل آهن. پوءِ به تون پنهنجين لکڻين کي
منهنجي نانءِ ڪري، پنهنجي ڏات کي اڄان به وڌيڪ رسائڻ
ٿو چاهين!

٧٦

ذــون ڪيستائين منهنجا ڪبوتر بازن جي ٻلي ڪندين؟
جڏهن منهنجا ڪبوتر توکي وٽ نہ ڏيندا تہ پوءِ اهي باز توکي
ني چيري ڦاڙي ڪاڻي ڇڏيندا.

٧٧

هنگان پوءِ مان جو بہ شعر لکندس ان جا ڪافيا بازن ذن
بہ تيز اڏامندا.
ندا تہ پوءِ تنهنجا ”شڪرا“ ڪاڏي ويندا؟

٧٨

ڏرتيءَ جي گولي کي فطرت اوندهہ جي ڪاريءَ چادر ۾ ٻڌي
سانجهيءَ کان صبوح تائين قيد ڪري ڇڏيو هو تہ ڏرتيءَ شبنمي
لڙڪ وهائي، هر وڻ کي، هر ٻوٽي کي وهنجاري ڇڏيو هو.
هو ڏس! هن چيہر مٿان ڏرتيءَ جا لڙڪ.
هاڻي جڏهن اوندهہ جي ڪاريءَ چادر جي ڳنڍ ڇوڙي، ڏرتيءَ
کي فطرت آزاد ڪيو آهي تہ ڏرتيءَ جي سونهن ۽ سندرتا
ٻهڪي پئي آهي. ڏسين نٿو! تہ ڪيئن نہ هنن اوير وارين جبلن
جي قطارن منجهان سورج ليٿو پاڻي، ڏرتيءَ جي سونهن ۽ سندرتا
کي تڪي رهيو آهي.

٧٩

هڏان انب جو ٻوڪيل وڻ آ. هيٺان تــي گرانيون ويڪري
واهـــي آهي، جنهن ۾ ڪوهہ جو شفاف ۽ اجرو پاڻي ترڪندو
باغ جي ڇلڻن ڏانهن وڃي رهيو آهي: جنهن جي ڪپرن تي

اڻ تر عمل آهي نه پوءِ ساڳي ڪيٽ، مان پنڊا ڪيل ان-داڻن
جي پڇاڙيل مانيءَ تي اهي لڪيرون ۽ داڻا ڪهڙي معنا
ڏنا رکن؟

٨٦

اي دوست! تنهنجون تخليقون پڙهي، نري تو پوان. پر جڏهن
به تو سان ملان ٿو ته تنهنجي مٿان ذات جو خول چڙهيل ڏسي
ڏجي ٿو وڃان، نراس ٿي ٿو موٽان ۽ اڇي پنهنجي شاعراڻي
وحشت ۽ جنون سان ٿو جهيڙيان.
ڇا تون، منهنجين مٿين سٽن کي پڙهي ۽ پرجهي، مون تي ٽڪي
نٿو ڇاڙهي سگهين؟

٨٧

مون فطرت جو گهڻو مطالعو ڪيو آهي، ۽ پنهنجي
ڪلاسيڪي ادب ۽ شاعريءَ کي پڙهڻ سان گڏ سمجهو به
وڌيڪ اٿم.
تو ميڊي خارج ادب ۽ شاعري پڙهي آهي، جيڪا حال ڪان
ڪنهجي چڪي آهي ۽ پوءِ به تون ان سدي خارج ادب ۽
شاعريءَ جي رت ۾ سوار ٿي پنهنجي نمائش ڪري رهيو آهين.
اڙي، هاڻو! تنهنجي اک، فطرت جو مطالعو به اڌورو ۽ مٿاڇرو
ڪيو آهي.
تنهنجي منهنجي وچ ۾ بس اهو ئي فرق آهي!

٨٨

تنهنجي هر تازي تخليق جي ڪنهن هڪ سٽ ۾ به خوشيءَ
جو ڏاڍر نٿو ملي! ڇا زندگي، خون ڙي! گهل ڙي!! الا ڙي!!!

جو نالو آهي؟"
اڄ وري منهنجي هڪ قداور ۽ قدامت پسند دوست، رهڙ پڻائي
سون کان سوال پڇيو.
سون کيس جواب ڏنو:
"پٽ مائيءَ جا! جيستائين سچ کي برداشت نہ ڪيو ويندو،
جيستائين ڌرتيءَ تي حدبنديون جو عمل جاري رهندو،
جيستائين رت وهائڻ جو ڪارڻ ذاتي ڏمر هوندو،
جيستائين ماڻهون ۾ درجي بنديون هونديون،
جيستائين انسان جي پوتر جسم کي تلها لڪڙ زخمي ڪندا،
تيستائين منهنجون تخليقون شايد توکي خوشين جي ڪا
امداد نہ ڏئي سگهن."

٨٩

جڏهن سڙهن جا ساڪا ٻاڻمرادو تني پوندا آهن.
جڏهن ڪو تازو چاول مينهن جو ڦر ڊڪون ڪندو آهي.
جڏهن سنڌوءَ جي ڪا ويڙهاڪ چولي ڪَرَ ڪڻي، ڪناري
ڏانهن ڊوڙندي آهي.
جڏهن ڪو ابهم ٻالڪ ٻند مان ٻوٽ ڪڍي، رڻ لڳندو آهي،
تڏهن ڪو ڏاريو سنڌ جي سرحد اورانگهي اندر ڏوڪيندو
ايندو آهي.

٩٠

ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي، جڏهن ڪنهن ميڙ ۾ ڪنهن گوناڻيءَ
جي بدن تي ڪپڙن جو نئون نڪور وڳو ڏسندو آهيان.
ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي، جڏهن ڌرتيءَ جو پيرن اگهاڙي ڪنهن
انسان کي گاهه گاهيندي ڏسندو آهيان.

**زندگي** هڪ اٿاهه ۽ اڻ ـ ڪٿ ساگر آهي. هڪڙا انسان مرندا ته پيا پيا ڄمندا. پر، هان! مرڻ ۽ ڄمڻ وچ ۾ ٿورڙي وٿي ضرور رهي ٿي. جيئن سج بادلن جي اوٽ اچي وڃي ۽ جهٽ کان پوءِ ظاهر ٿيو پوي.

٩٢

**وقت** ٿي ويو آهي، اُٿي ته پوڇا ڪري اچئون،
پالڻهار جي ؟
نه، پيٽ جي.

٩٣

**اڙي ميلٽرا !** تون پاڻ پهو چوين ته مان به تو وانگر هڪ صديءَ جو راڻو آهيان. مون واري مومل به تو واريءَ مومل کان سونهن ۽ سوڀيا ۾ گهٽ ناهي. پوءِ ٻڌاءِ ته تو ۾ ۽ مون ۾ ايڏو وڏو فرق ڇو آهي ؟
تون جذباتي ته مان اوڏو ئي ماٺيڻو آهيان.
تو ڏسڻ کان پوءِ نه پڇا ڪانه ڪئي، مون ٻڌو آ ته، وڃي ڏٺــو آ.
توهان جي تيز جذبن توهان ٻنهي کي ڏاڍ جهڙي دوزخ ۾ جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو.
اسان ٻڌا ماٺا جذبا، اسان کي هن قدرتيءَ جي جنت ڏانهن وٺيو پيا وڃن.
ته پوءِ مڃين ڇو نه ٿو ته مان ۽ منهنجي مومل، تو ۽ تنهنجي مومل کان گهڻو مٿيرا آهيون.

٩٤

هان توکي ڪيئن روڪيان ته تون "عقاب" جي واڪاڻ ڪرڻ ڇڏي ڏي! توکي اها به خبر آهي ته عقاب جو ٻيو نالو 'پرمار' به آهي ۽ پرمار جي ڪردار توڙي اڏام کان تون واقف به آهين. توکي اها سڌ آهي ته عقاب جو ٽيون نالو "شاهين" به آهي. شاهين، جنهن کي ٻين ٻولين جي وڏن شاعرن، مٿي پهاڙن کان به مٿي پڻي اڏايو آهي.

هان، نظرياتي طور تون جيڪڏهن انهن شاعرن جي جوڙ جو آهين ته پوءِ تنهنجو پکي بيشڪ عقاب ئي سگهي ٿو. پر اسان جو پکي ڪانگ آهي. ڪانگ - جيڪو جهڙپ هڻي، هٿن ۽ پنبڙين مان اسان کان ٽڪر کسي وڃي کان پوءِ به اسان کي پنهنجو لڳندو آهي، ڇو ته اها ماني پرائو مار نه پر اسان جي پنهنجي هوندي آهي.

٩٥

تون ته مشرق جو رهواسي ناهين. تنهنجو ڳوٺ ته هتان کان هزارين ميل پري ميسيسپيءَ جي ڪناري تي آهي. تون ته ٻي پنهنجي هانءَ تي هٿ رکي ٻڌاءِ ته دنيا جي چئن وڏن شاعرن- شيڪسپيئر، رومي، سعدي ۽ ڀٽائي مان توکي هن ڌرتيءَ جو مها ڪوي ڪير ٿو لڳي؟"

"ادا، سچ پڇين ته اهي چارئي شاعر دنيا جا عظيم شاعر آهن. پر جي منهنجا مهمان ٿين ته مان جيڪر ڀٽائيءَ جي ڪٽ ٿورو مٿيرو رکان."

٩٦

"پاڻو پلي ڪري آئين."
ڪنڌ ورائي ڏٺم ته ٿوهر جو وڻ ڪمڪاري رهيو هو.

وراڻيم :
” ادا ، جڙيو هجين. “
ٿوهر چيو :
” ڀاڻو ! ڏينهن تپي ويو ٿئي. اڄ ، ڪا جهٽ منهنجيءَ ٿڌڙيءَ
ڇانوَ ۾ گذار . اڄ تہ ڪچهري ڪيون. پاڻي پيءُ، آرام ڪر
۽ ڪاڏي پيٽ بہ ڀر . “
مون سوچيو : ٿوهر جو وڻ ڇانو ڪٿان آڻيندو ۽ ڦر ڪٿان
ڏيندو ، جيڪو پاڻ پيو ٿوڻ زمين تي پساهہ پورا ڪري.
ٿوهر ڳالهايو :
” ادا ڇا پيو سوچين ؟ توکي پاڻ کي بہ خبر آهي تہ مان سڀني
جو وڻ آهيان، جنهن جي ماڻهن وٽ ڪُني ۾ ڪٽو نہ بہ هوندو
آهي تڏهن بہ آئي وٽي جو دل ڪولي آڏر ڀاءُ ڪندا آهن . “

٩٧

مون پڇيو —
” وڏو ڪير ، تون يا مان ؟ “
مون وراڻيو :
” ڇا ۾ ، عمر ۾ يا قد ۾ “ ؟
هن چيو:
” واپار ۾ . “
مون چيو :
” جنهن جو مذهب ماڻهپو آهي.“

٩٨

ڇا تنهنجون ٻناڪون ٻڌي، مان اڄان بہ گونگو رهان ۽
تنهنجي رعب کان هيسيل ديس واسين کي اڄان بہ گمراهيءَ

[انبن جهلميو پور]

جي آڙاهه ۾ ٽڪو ڏئي ڇڏيان.
اي دوست! اهو مون کان سٺو نہ ٿيندو. مون ۾ سهڻ جي سگهہ رهي بہ ڪٿي آهي! ڀلي ڇڏ تہ پاڻ مرادو ٻڌاڪون هڻي اٿين آهي، جيئن ڪو فنڪار پاڻ ئي پنهنجيءَ نڙيءَ تي ننهن ڏئي، پاڻ ۾ پنهنجي فن کي وقت کان اڳي ماري ڇڏي.

٩٩

ڏو پاڻ تہ ڇيو هو تہ مور جي ٽور ٿيلندي، ڪانوَ کان پنهنجي اصل چال وسري وئي هئي.
تون ڏاهن بہ ٻين جي فن ۽ فڪر سان هٿ چراند پيو ڪرين!

١٠٠

اي حسينا!
تون پاڻ پنهنجن ٻانهن وارن گجرن سان پنهنجن مينديءَ لڳل هٿن سان فقط هڪڙو گل ڇني ڏي تہ مان ان جي عيوض توتان عمر ڀر جون ٺٺوليون نڇاور ڪيان.

١٠١

ڪان، ڪڻ هيءَ بندوق- واعدو ڪر تہ هن بندوق جي هر گوليءَ کي تون دشمن تي ڪتب آڻين، وطن عزيز کي ڌارين جي عقابي چنبن مان آزاد ڪرائيندين يا ـــ هن پنهنجي ڀيڙي پيءَ وانگر دشمن جي وحشيت ڀرين ڪاروائين جو نشانو بڻجي ٻيروت جي لوسانيل زمين کي پنهنجي گرم خون سان شفق کان بہ وڌيڪ جاذب نظر بڻائيندين.

١٠٢

ڪان فطرت جي هر جاندار شيءِ کي سڃاڻان. اهي پکي او.... پيرن جي هن ڪوچڙي ۾ واهيرو ڪندا اٿئي، جن جا ٻچا، اهو

هاڻي ڏسيو پيو اچان تہ ڇهنبون کوليو، آکيرن کي نونگا هٿي رهيا هئا.
توکي، پاڻ کي بہ خبر آهي تہ هر جنس کي پاڻ جهڙيءَ جنس سان فطري پيار ۽ لڳ ـ لڳاءُ هوندو آهي. ان ڪري، اي ماري! تون انهن پکين کي، پنهنجي هن معصوم ٻچڙي هتان، ڀڄري سان آزاد ڪري، فطرت جي اٽل ۽ اڻ ـ ڦرندڙ قانون جـو احترام ڪر.

١٠٣

تون پنهنجي اکيان، پنهنجي ان معصوم ٻچڙي کي ٽلندو ڏسي ڪيڏو نہ خوش پيو ٿئين!
اي ماري!
هنن پکين کي آزاد ڪري ڇڏ تہ جيئن هر ڪو پيءُ ۽ ماءُ، پنهنجن آکيرن ۾ پنهنجن ٻچڙن کي ڏسي، تو وانگر خوش ٿئي.

١٠٤

تــر تي ڪا بوند نہ برسي آهي. ڏهرن جي ننگن وڻـن تي تازا تنواري رهيا آهن. ههڙيءَ رُت ۾ تون پلي منهنجو سارنگ چيڙ. پـر ڏسجان، متان توکـي پنهنجن شعرن کان نفرت نہ ٿي پوي.

١٠٥

مـون ڏنو، تو نئايو.
مون پڙو، تو ڪنايو.
مون مڃيو تو انڪار ڪيو.
مون ڏٺو، تو منهن ڦيرايو.
بس،
ڪوڙ ۽ سچ ۾ اجهو اهو فرق آهي.

١٠٦

هي منهنجا گيت:
ٻڙ جي ڇانوَ ٻه آهن،
لڪيءَ وارون لڪون ٻه -
هي منهنجا گيت:
ڪانهن تي ڪنڇيءَ جي لات ٻه آهن،
بغاوت جو اعلان ٻه -
هي منهنجا گيت:
ٿر تي پلر جي پالوت ٻه آهن،
بم گولن جي بارش ٻه -
هي منهنجا گيت:
پياسن ڇپڙن لاءِ سنڌو - جل ٻه آهن،
اوڳاڇيل لاوو ٻه -
پوءِ ٻه تون مونکان منهنجن گيتن ڪسڻ جي هام هڻڻ آيو آهين!

١٠٧

مون توکي سج ٻڌجي، سوريءَ تي گهوليو هو،
مگر موت ٻڌجي، تو منهنجو ڪنڌ مروڙيو.
مون توکي آگ ٻڌجي، پهاڙن جي پيٽ ۾ گهوليو هو،
مگر تو شعلا ڪسي، مونکي ڪوئلو ٻڻائي ڇڏيو.
مون توکي ٻيڙو ٻڌجي، هر ساگر تي گهوليو هو،
مگر تون سَپ ٻڌجي، پاتار ۾ پيهي وئين.
مون توکي عقاب ٻڌجي، فضائن ۾ گهوليو هو،
مگر روج ٻڌجي، تو منهنجا پَرَ جلائي ڇڏيا.

[انبن جهليو پور]

مون توکي لهر بڻجي، ڪنارن تي ڪوليو هو،
مگر تو ساگر بڻجي، مونکي پيٽ ۾ لڪائي ڇڏيو.
مون توکي سج بڻجي، ڌرتيءَ جي گولي تي ڳوليو هو،
مگر تو اوندهه بڻجي، مونکي رات بڻجي ڇڏيو.
اي آزادي!
ڇا اڄان به تنهنجو منهنجو ميلاپ ممڪن ناهي!

۱۰۸

ڇرپو تون يا مان؟
ڇرپو مان آهيان، ڇاڪاڻ ته قامي ڳهات ۾ داخل ٿي چڪو آهيان، پوءِ به جيئڻ جو حق پيو ڳهران.

۱۰۹

منهنجي هر تخليق هڪ تازي لڳايل باغ وانگر سمجهه، جنهن مان طرح طرح جا گل ۽ ميوا پيدا ٿيڻا آهن ۽ نه هڪ ڪوهه وانگر جنهن جي مالهه ۽ لوٽين تي سينور چڙهي ويو آهي.

۱۱۰

هان مڃانٿو ته تون ڳهتا ڏينهن مونکي ختم ڪري ڇڏيندين.
پر منهنجي تخليق جي عقابن کي تون ڪٿان قيد ڪندين!
جيڪي آخر تنهنجو انت آڻيندا.

۱۱۱

ڏون جيڪڏهن هن ڌرتيءَ جو سچا اديب يا شاعر هجين هان
ته توکي عقاب ۽ ڪبوتر جي آڌام ۽ ڪردار جو فرق ضرور

محسوس ٿي ها ۽ پوءِ تون پڻ کان به اهوئي سوال ڪرين ها، جيڪو هن وقت توکان مان ڪري رهيو آهيان.

١١٢

موتڪي بڌاءِ ته داخلي گهل- گهوڙا ڪانسواءِ تو مستقبل لاءِ ڇا لکيو آهي؟
ڇا پاڻ کي اڳتي وٺي هلڻ لاءِ ڪنهن پُل، جوڙڻ جي توکي ضرورت محسوس نه ٿي آهي!
جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ تون ۽ تنهنجون تخليقون ماضيءَ کان ڪاٽا ٿي وينديون.

١١٣

او پيڙ! موتڪي خبر آ، ته تون بي‌قصور آهين ۽ پوءِ به توکي عمر قيد جي ڏوهاڻ سمجهي، چار- ديواريءَ جي قيد خاني ۾ بند رکي، توکي بنجر زمين چٽي، فطري قانون جي پڇڪڙي ڪٽي وٺي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جوين کان وٺي جهڙي پوڻ تائين، تو مان ڪو به سلو آسري نه سکهيو آهي.
منهنجي پيڙ! مون تو لاءِ ايترو ته لکيو آهي جو جڏهن تون ٻيو جنم وٺي هتي ايندينءَ، ته تون طرح طرح جي گلن ڦلن کي جنم ڏئي سگهندينءَ.

١١٤

او، هاري! تو رهن ڪونج کي ڪهڙي ڏوهه، ۾ زخمايو آهي؟
جنهن جي ڇهنب ۾ اڃان تائين 'ٻچن جو چوڳو' اٽڪيل آهي!
شايد، تون متس گوليءَ هلائڻ جي سَٽ به نه ڪرين هان، جيڪڏهن توکي پنهنجيءَ جي هيءَ سٽ ياد هجي ها:
"ٻچا پوءِ اٽن- وچن وانڌا ڪنديون."

١١٥

ماڻ آن سڪندر جي ڳالهه پئي ڪئي، جنهن هر ڪاري توڙي پوري انسان کي سيني سان لڳايو هو ۽ نه آن سڪندر جي، جيڪو هزارين انسانن جي قتل ڪرڻ جو نيڪو ڪئي، هليو هو دنيا کي فتح ڪرڻ.

١١٦

ماڻ تو سان هٿ ڪونه ملائيندس.
تون قاتل آهين، تو ان هٿ سان قتل ڪيو آهي.
چريو يا سيائو! ڇا جو قتل، ڪنهنجو قتل!!
تو هن ٻوتي مان رابيل جو گل ڇنندي، هن بي گناهه ٻوٽ کي ڇو ماريو آهي؟ جيڪو هر گل جي واس وٺڻ لاءِ پنهنجن پرن تي ديس، اديس جو "پروانو" ڪنيو پيو گهمين.

١١٧

چون ٿا، پٺاڻي جڏهن سر گهاتو لکي پورو ڪيو هو، تڏهن سيني مانگر مڇن بک هڙتال ڪئي هئي. سندن بک هڙتال کي ختم ڪرائڻ لاءِ پٺاڻيءَ کي سر سهڻي لکڻو پيو هو.

١١٨

چون ٿا، ته پٺاڻيءَ جڏهن سر ڏهر لکي پورو ڪيو هو ته ٿــر جي وڻـن مجر ڇاڻيو هو. ان لاءِ، پٺاڻيءَ کـي سـر سارنگـــ لکڻو پيو هو.

۱۱۹

او مالهڻ! تون ۽ مان ٻئي چور آهيون. تون مون کي منهنجي ذات موٽائي ڏي، ته مان توکي تنهنجا گل.

۱۲۰

او مالهڻ!
تنهنجن گلن جو چور مان آهيان،
مان توکي تنهنجا گل موٽائي ڏيندس، جيڪڏهن تون پاڻ پنهنجن هٿن سان، کوبه هڪڙو گل منهنجي ڪوٽ جي ڪالر ۾ لڳائين.

۱۲۱

جتي به وڃ، جڏهن به وڃ، توکي سنڌ، سنڌو، سنڌي ۽ سنڌيت ايئن نظر ايندا، جيئن چاڙهيءَ ۾ مکڻ، ڏهي، لسي ۽ ڌونڌرو.

۱۲۲

هڪ شاعر دوست بحث ڪندي چيو:
"تون ڌرن ۽ ڌوهرن- آئر ۽ اوڙڪن- ٻنين ۽ ٻالڊن- چوڙن ۽ چوڙيلين- رڇن ۽ مڇن- چڙن ۽ چونگارن- ڪينجهر ۽ ڪارونجهر- پٽن ۽ پاڙٽين- ڳجن ۽ گجرين، تي لکڻ بدران پنهنجي آسپاس وارن شهري ڪردارن- رستن ۽ رشتن- ملين ۽ ماڙين- چمنين ۽ چلمن- بسين ۽ بدڪن، تي ڇو نه ٿو لکين؟"
مون کيس جواب ڏنو:

”ادا، مان ٺورو ڪي ڪهڙو ضرور لکيو آهي.“
چيو:
”تون پاڻ ڪي ۽ پنهنجن ذهني لاڙن کي ڳوڙن مان شهرن ڏانهن موڙي اچ.“
مون کيس ٻڌايو:
”ٻهرياڻين مور کي ڇو ته ڪارونجهر ڇڏي وڃي- ڪونج کي ڇو ته ستارن جي لوڙهن ۾ ڪجهي مٿان نه اڏامي- ڪنول ۽ نيلوفر کي ڇو ته ڪنهن ڍنڍ يا گنگا ۾ نه ڪڙن- پوءِ مان ايئن ڪندس، جيئن تون چوين ٿو.“

۱۲۳

مان ۽ علي بابا اونداهي رات جو ڪتيءَ لتي پاري ۾ ڏڪندا ٻن پٿن جي وچ ۾ هڪ ڏهر مان گذري رهيا هئاسون.
علي بابا چيو:
”اڙي، تاجل! پٿن ۾ اڇا، اڇا ڳوربٽ ٻه ٽيندا اٿئي.“
مون وراڻيو:
”تو ڪان ۽ مونکان مٿي ڪو ٽيون ڳوربٽ ٻه ٽيندو آهي ڇا؟“
اوچتو، مونکان رڙ نڪري ويئي.
”علي، ڳوربٽ ڙي ڳوربٽ!“
ڳوربٽ اسان ڏانهن وڌندو رهيو ۽ اسان پوئين پير، پٺتي هٽندا رهياسين.
”سلا ماليڪ.“
”اڙي علي، هيءَ ته چوڙين وڪڻڻ وارو لالو آ، جنهن جي مٿان وڏي ٻرڪي پيل آهي.“

١٢٥

هڪ ڏينهن پٺاڻي، بابا بلي شاهه کي ميارون ڏيندي چيو:
”اڙي، بلبا! حيف ٿئي جو پوڙهن ۾ چڙي، وڃي گهر ويهي رهين. پڪي ياراڻي تون انهيءَ کي چوندو آهين؟ آڳرين تي حساب ڪري ڏس، تون اسان وٽ پوري مهيني ڪانپوءِ آيو آهين. اڙي، توکان ته خوشحال سئو آهي، جنهن کي چرچن پوڙهن ۾ مان وڌيڪ تنگ ڪندو آهيان. مجال آ جو خوشيءَ ڪا روئي وڃي ويهي رهي. وارَ کي تهُ ڏي ته اڇي ٿو پر گهٽ ٿئي.“
بابا بلي ورائيو:
”مان واندو ڪونه هئس.“
پٺاڻيءَ پڇيو:
”ڇا پئي ڪئي؟“
چيائين:
”سنڌ جي آتريءَ سرحد وٽ، سنڌوءَ کي ٻنڌو پئي ڏنم.“

١٢٦

عالم ارواح ۾ روحن سان بحث ڪندي، منهنجي روح کين چيو:
”منهنجي عمر هڪ هزار سال مقرر ڪري، مٽيءَ جي بوتي ۾ واپس اماڻي، جيڪڏهن مونکي پيهر سنڌ جي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم ڏنو وڃي ته هوند توهان کي پٺاڻيءَ جي جوڙ جو شاعر ٿي ڏيکاريان. پٺاڻي- جنهنجو پوري عالم ارواح ۾ ٽڙٽلو مثل آهي ته هو ڌرتيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي.“
روحن کي منهنجي تجويز ڏاڍي پسند آئي- جلوس ڪيائون،

[انبن جهليو پور]

تون مونکي عينڪ لڳائي ڏسندو رهيو آهين. اڄ عينڪ لاهي ڏس ۽ پوءِ ٻڌاءِ ته مان توکي ڪيئن ٿو لڳان؟

١٣٢

سج جڏهن سرچيو هو ته صبوح جو ٻهڙيون ڪرڻو ٻجي، مونتي روشنيءَ جي بارش ڪئي هئائين ۽ هاڻي جڏهن ڏمريو آهي ته اونده عطا ڪري ويو آهي.

١٣٣

سچ ٽوڙي سج - ٻئي وڏا آهن.
سج، روشني عطا ڪري، مونکي ماڻهوءَ ۽ ڌرتيءَ لاءِ گهڻ لڳايا آهن.
سج ڌرتيءَ تي روشنيءَ جا بادل برسائي، هر جيوَ کي طرح طرح جي نعمتن سان مالا مال ڪيو آهي.

١٣٤

دل ٿي چاهي ته اهڙا ۽ ايترا شعر لکان جو ڀٽائيءَ جي رسالي جيڏي ڏک ڏين مگر ڊچان ٿو ته قيامت ۾ جڏهن وڏن شاعرن کي سڏ ٿيندو ته پوءِ منهنجو حشر ڪهڙو ٿيندو!

١٣٥

منهنجا ياد!
مان سمجهي ويو آهيان ته تو بن ڏينهن ڪان ماني نه... ڪاڏي آهي. پر پوءِ به مان هنن پئسن مان توکي هڪ روپيو به ڪونه ڏيندس ڇو ته هي پئسا، سون پنهنجن تخليقن کي پوريءَ بازار

[انهن جهڙيو نور]

۾ وڪڻي، ڪٺا ڪيا آهن، جن مان رائفلون ۽ گوليون خريد ڪري، مان تنهنجن دشمنن (ڏڪارين) تي استعمال ڪندس.

١٣٦

مان ٽوڪيو (جپان) ۾ هڪ دڪان تان قميص خريد ڪري رهيو هئس. وڪرو ڪندڙ ڇوڪري، منهنجي ڏنل وائنل ۽ جپان جي هڪ ڪامريڊ شاعره هئي. مون کيس چيو هو ته "منهنجو هڪ دوست هيءَ ساڳي قميص، تنهنجي جپان جي، ناگا ساڪي شهر مان هڪ سئو 'ين' (جپاني سڪو) گهٽ ۾ وٺي ويو هو. ٽوڪيو ۽ ناگا ساڪي منهنجي ڳوٺ کان هڪ جيتري مفاصلي تي آهن. مان به شاعر آهيان ۽ تون به شاعره. ڏس! ته تنهنجو ۽ منهنجو ڪيڏو نه خوبصورت رشتو آهي! ۽ پوءِ به تون سونکان وڌيڪ پئسا وٺي رهي آهين!!"

مرڪندي چيو هئائين:

"شاعر صاحب! هن قميص ۾ تنهنجي سمنڊ جي ڪناري ڪنهن ڀيل اٿي."

مون اکيون بند ڪري، پئسا ڏيئي، قميص وٺي، پنهنجي بريف ڪيس ۾ وجهي ڇڏي هئي.

١٣٧

منهنجا دوست!

پتنگ جي جتيءَ ۾ پير پائڻ ڪا بري ڳالهه ناهي. پر، پتنگ سڏائڻ بري ڳالهه آهي. جڏهن تون ائين ڪندو رهندين ته پوءِ تنهنجي ذات جي عقاب کان پنهنجي اصلي آڌام وسري ويندي. ايئن جيئن مور جي ٽور تلندي، ڪانوَ کان پنهنجي چال وڃي هئي.

١٣٨

مان ڪنهن ضرورتمند جي سڏ جو جواب آهيان ۽ ڪنهن
نڪايل لاءِ ٻاجهريءَ جي مکيل ماني.
هاڻي، هاڻي تو مون تي ۽ منهنجي فن تي ڳالهائيندي چيو هئي:
”خبر ڪئي؟ مٽيءَ ۾ ملڻ ڪانپوءِ به تون اسان وٽ وري وري
پيو ايندين. گلن جي خوشبوءِ ۾ ۽ ڏر مٿان ٻلر جي ٻالوٽ ۾.“

١٣٩

اڄ وري مونکي منهنجي ’ذات‘ ڏاڍي ڪان وڏيڪ ٻچڙي پئي
لڳي.
شايد وري ڪو عمر ڪنهن مارئيءَ کي زوريءَ ڪوٺ تان
پيو ڪڍي.

١٤٠

اڄ هر شعر منهنجي شعور مان ’ڪراڙ‘ جو ڪنول ٻڻجي ٿو
اسري. شايد، وري ڪو عمر ڪنهن مارئيءَ کي آزاد پيو ڪري.

١٤١

مان چاڻان ٿو ته ان ڪيهه مان، ڦٽن چيڻو لاءِ پها ناهي تون
محاذ تي ڪٺي ويندين.
منهنجا دوست! تو ڪيڏو نه وقت پئي وڃايو آهي! انکان بهتر
آهي ته تون هيءَ بندوق کڻي، مونسان محاذ تي هليو هل.

١٤٢

جانڪ، خانڪ کان پڇيو:
”خانڪ! چا ٿيو ڪرين؟“
”سمنڊ ۾ سٿي ڪري پٿي آهي، ان کي ڳولهيان پيو.“
جانڪ عجب وچان، خانڪ کي گهوري ڏسڻ لڳو.
خانڪ جواب ڏنو:
”تو ته ته پنهنجي چمار جون چاليهارو ڪن بهارون پاڻي ولوڙيندي گذاري ڇڏيون آهن ۽ مان ڏسان پيو ته اڃان به تنهنجي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جو طوق لٽڪي رهيو آهي.“

١٤٣

ڌرتيءَ جي ڳولي کي فطرت اونده جي ڪاريءَ چادر ۾ صبوح کان سانجهيءَ تائين قيد ڪري ڇڏيو هو. ڌرتيءَ شبنمي لڙڪ وهائي، هر وڻ کي، هر ٻوٽي کي وهنجاري ڇڏيو هو. هو ڏس، هن چهر مٿان ڌرتيءَ جا لڙڪ.
هاڻي جڏهن اونده جي ڪاري چادر جي ڳنڍ ڇوڙي، فطرت، ڌرتيءَ کي آزاد ڪيو آهي تہ ڌرتيءَ جي سونهن ٻريو سندر مکڙو ٽهڪي پيو آهي. ڏسين نٿو ته ڪيئن نہ هنن جبلن جي قطارن مان سورج ليو پائي، ڌرتيءَ جي سونهن ۽ سندرتا کي تکي رهيو آهي!

١٤٤

مڪانتو ته تو وٽ به ضمير آهي. پر، آهو ضمير، ضمير متڪلم آهي. جنهن جو مطلب آهي ”مان“.
پنهن ڪٿي چئجي ته تو وٽ ”مان“ جو مڙئي گهڻو وهنوار آهي.

ضمير مون وٽ به آهي، جنهن جا پار - پتا تون پنهنجن ڏي پارڪن کان به پڇي سگهين ٿو. جيڪي تون جيئرو آهين ته به توکي 'مثل' ٿا چون ۽ مان جڏهن مري ويندس ته پوءِ به هو مونکي جيئرو چوندا.

۱۴۵

ڪو ته ڪم ڪر.
منهنجن ڦٽن تي هي ڪپهه جا ڦها ويهي رک، ۽ ڳا گهڙيءَ کانپوءِ اڙ .... هن مورچي ۾ هلي، منهنجيءَ هن بندوق ۾ مونکي گوليون وجهندو ڏيندو ويجانءِ. ڏسين نٿو ته دشمن منهنجن ٻنهي هٿن جي آڱرين جا ڏوڏا پڇي، مونکي لکڻ کان بيڪار ڪري ڇڏيو آهي! هاڻي مون واعدو ڪيو آهي ته مان دشمن سان قلم وسيلي نه، پر پنهنجي جلاوطن پوڙهي پيءُ جي هن بندوق سان وڙهندو رهندس.

۱۴۶

آمريڪي شاعر والٽ وٽمن ليوز آف گراس (گاهه جا پن) ۾ نئون فڪر ڏيئي، ڪڪر ۾ ڪڙو اڇلايو هو. هو 'ڏوهاري راڪاس' سڏجڻ لڳو هو. جتان ڪتان مطالبا ڪيا ويا هئا ته سندس اگهاڙي پٺيءَ تي بيٽ جا ڇهڪ وهايا وڃن.
تنگ ٿي وٽمن ڪي چٺو پيو هو ته هن دوزخ گهريو ۽ کيس دوزخ مليو. پر، پوءِ به هو لکندو رهيو هو. ايستائين جو آخر هن لکي ورتو هو:
"هرڪا شيءِ ماڻهن مان پيدا ٿئي ٿي. ميرن ۽ گدلن ماڻهن مان. ماڻهن مان- ماڻهن مان- فقط ماڻهن مان."

۱۴۸

**مان** ڪلاڪي دڙي تي بيهي، سندوءِ ڏانهن نهاري رهيو هيس. اوچتو منهنجو هڪ دوست اچي ويو. مون کانئونس پڇيو:
”تون اڇلو نہ وڃلو، تو هتي اچڻ جي زحمت ڪيئن ڪئي آهي؟ تون تہ هڙپا جي کنڊرن کان نفرت ڪندو آهين.“
وراڻيائين:
”دوست! مان پليل هئس. پنهنجن گناهن کي گهٽائڻ لاءِ، هن دڙي مان ڇاڏي پائڻ آيو آهيان.“
مون کيس چيو:
”مان توکي موهن جي دڙي مان ڇاڏي پائڻ ڪونہ ڏيندس. هن مٽيءَ کي وڏو مان آهي. هيءَ مٽي پين مٽين کان بلڪل نياري مٽي آهي.
تون جيڪڏهن ڪنهن دڙي مان ڇاڏي پائي، چندڪو ڏيئي، گناهہ گهٽائڻ گهرين ٿو تہ پوءِ تون رحمڪي بازار جي پٽن ڏانهن نڪري وڃ.“

۱۴۹

**تون** منهنجون هي تخليقون نہ پڙهہ تہ سٺو آهي، ڇاڪاڻ تہ هنن ۾ فقط منهنجي ئي ’نمائش‘ ٿيل آهي. هنن تي مونکي ماچيس جي تيلي وڃائڻ بہ مهانگي ٿي لڳي. مان انهن تخليقن کي ڪٺي ٿو هن کوهہ ۾ ڦٽو ڪريان.
مون عزم ڪيو آهي تہ هنگانيوءَ منهنجي هر لڪٽيءَ ۾ فقط تنهنجا ئي عڪس چٽيل هوندا، جيڪي ڇپرائي، مان توکي ئي پيش ڪندس.

١٥٠

**ماروي** هر دؤر ۾ پيدا ٿيندي آهي. پوءِ آها سنڌ جي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ ملير ۾ جنم وٺي يا لبنان جي ڪنهن بستيءَ ۾. ٽريلياڻي ماروي عمر کي وصيت ڪئي هئي:
”ٻوٽون ٿئي پساهه ـ ته نجان مڙهه ملير ڏي“.
اسان جي مانواري مائي اينيمري شمل وصيت ڪئي آهي ته جڏهن هوءَ مري وڃي ته کيس سنڌ ـ سانيهه جي مڪلي قبرستان ۾ پوريو وڃي.
مانواري مائي شمل جو اهو فيصلو اسان سنڌ واسين کي اڃان تائين سمجهه ۾ نه اچي سگهيو آهي.

١٥١

**چون** ٿا ته گارشيا مارڪئيز کي جڏهن کان ادب جو عالمي سونو ٻلو‘ مليو آهي، تڏهن کان هُن لکڻ ڇڏي ڏنو آهي.
پريءَ بازار ۾ ڪنهن ڇيو ٿي ته ڪالهه به گارشيا چرين وانگي رڙيون ڪري، مُنهن ـ مٿو پٽي، چئي رهيو هو:
”مون کهڙو ڪبيرو گناهه ڪيو هو جو پيلي رنگ جو ’ٻلو‘ ڏيئي، مونکان منهنجي ذات ڦري ويئي آهي.“

١٥٢

**مان** چاهيندو آهيان ته منهنجو هر دوست، مونسان مون واري لهجي ۾ ڳالهائي.
نٿو سمجهين.
منهنجو اهو مطلب هرگز ناهي ته ڪو منهنجي هر دوست وٽ، مون واري زبان ۽ مون وارو ذهن هئڻ کپي.
تون اڃان به نه ٿو سمجهين.
مان توتي پنهنجي فيصلي مڙهڻ جي بلڪل ڪوشش نٿو ڪيان.

مان ته توسان پيار، پنهنجائپ، سونهن ۽ سندرتا جو دل کولي پيو اظهار ڪيان.

١٥٣

**تون** شراب کي شباب ٿو چوين، مان شباب کي شراب چوندو آهيان.

١٥٤

**تون** بندوق کڻي، منهنجو پيڇو نه ڪر. مانئي جو هالي اها بندوق وچي بارود خاني ۾ جمع ڪراءِ.
تون سمجهين ٿو ته بندوق کان ڊڄي، مان گناهه ڪرڻ ڇڏي ڏيندس!
ڀڏي ڇڏ ته مان **ماڻهو** آهيان، مان ڪوبه گناهه نه ڪندو آهيان.
هان، اِها ڳالهه ٻي آهي ته، تنهنجي هٿ ۾ بندوق ڏسي، ٿي سگهي ٿو ته مان ڪو وڏو گناهه ڪري وجهان!

١٥٥

**هون** پٺائي‌ءَ جي هيءَ سٽ:
”نانگ نه ويندين نڪري- تو ڏر مٿي پير.“ پڙهي، پنهنجي مهانگي ڳالهه کي جهڪايو هو.
اي دوست! ذات جو تولو پائي، تون مونکي اِن هتيار سان نه مار. تون جيڪڏهن مونکي ڪا وڏي شڪست ڏيڻ ٿو چاهين ته پوءِ ڪا اهڙي **سٽ** سڻاءِ، جيئن مان هڪ دفعو وري پنهنجو مهانگو ڳالهه جهڪائي ڇڏيان.

١٥٦

**مون** جيڪو ڪالهه لکيو هئو، اڄ ٻه اهو ئي پيو لکان. فرق رڳو وقت ۽ واڌو منڊل جو آهي. ڪالهه منهنجيءَ ذات ۾ ٻوڪ پاڻيءَ جا واهيءَ مان پيتا هئا ۽ اڄ سان رهن جام مان، ڪيس مڌ جون سرڪيون پياري رهيو آهيان.

ڏس ته! پتاڻيءَ کي اڪ ٻند ڪئي ڪيڏا سال گذريا آهن ۽ پوءِ ٻه سندس هر سٽ اڄ واري **وقت ۽ واڌو منڊل** لاءِ لکيل ئي لڳي.

١٥٧

**اي دوست!** مڌ چکڻ سان ئي تون ذات جو خول پائي، اچي ٿو منهنجي سامهون ويهين! مان مڌ چکان يا نه چکان، پر پوءِ ٻه هرگهاهه تنهنجي پيو ڪيان.

مونکي توتي فخر آهي جو **ريڊڪن** ڏيڻ ۾ تو مهارت حاصل ڪري ورتي آهي. هاڻي تون ته اهي ريڊڪ ڏيڻ ڇڏي ڏئين، پر ريڊڪ توکي نه ڇڏيندا - ايئن جيئن 'رڃن' ته ڇڏيو هو 'جنيءَ' کي پر جنيءَ نه ڇڏيو هو رڃن کي.

١٥٨

"**ڏاڏو** ڪو ڏرتيءَ جي معاملن ۾ هنيلو ۽ ارڏو آهين؟"

"ارڏو مان ٻه آهيان، پر مونکان وڌيڪ ارڏو ۽ هنيلو **استاد بخاري** اٿئي، جنهن کي سنڌوءَ جي وڏي ڏيءَ منڇر جنم ڏيئي، **دودو** نالو رکي، **دادوءَ** ۾ ظاهر ڪيو آهي."

١٥٩

**وڏو ڪير، دودو يا دادو؟**"

"مونکي ڪابه خبر ڪانهي. مونکي رڳو **و** ۽ **الف** واري فرق جي

خبر آهي." منهنجي پاڙي ۾ رهندڙ، هڪ پاڙيسريءَ جواب ڏنو؛
سون ساڳيو سوال ڇپر تي گڏ ويٺل هڪ ٻئي دوست کان پڇيو :
ورانيائين:
"ادا، مان رهن پنهنجي ٻڪ ۾ سندوءَ جو پاڻي پيئندو رهيو
آهيان، ان ڪري تنهنجي اندر جي ڳالهه توسان مان ٺي چڱيءَ
طرح ڪري سگهندس.
وڏو دودو نه پر دادو آهي، ڇو ته دادو، دودي جو جمع ٿي
ويو آهي. منهنجو مطلب آهي تــه دادو، دودن جو پيءُ آهي،
جنهن هزارن دودن کي جنم ڏنو آهي، ايئن جيئن ٿر جي ڌهر
۾ ڪنهن ڪرڙ تي ڏنئرا جنم وٺندا آهن."

١٦٠

"هاڻي سڏاء ته تو وارن هئيلن ڪردارن وارو 'سچ' ڪيڏانهن
ويو؟ هو ڏس! هُن ڇڙسول واري تياس تـي هـو لاش
لٽڪي رهيو آهي! ۽ هيسيل ماڻهو پنهنجن ڪلهن تي نااميديءَ
جا صليب کنيو، واپس گهرن ڏانهن موٽي رهيا آهن".

—

"ٻڌي ڇڏ ته، جڏهن خدا جي مخلوق ڇرين وانگر گهٽين ۾
نڪري ايندي آهي.
جڏهن ماڻهوءَ جي پوترتا کي پيرن ۾ لتاڙيو ويندو آهي.
جڏهن 'سچ' کي سوريءَ تي چاڙهيو ويندو آهي.
تڏهن وقت جي بادشاهه تي ڏوُرا پوڻ شروع ٿيندا آهن.
ڪيس ننڊ ۾ 'اوٺارا' اچڻ لڳندا آهن ۽ پوءِ هـو ڇرڪ ڀري،
رڙيون ڪري، وٺي ڀڄندو آهي."

—

## سنگم پبلیڪیشنس

37- يوني پلازا، آء - آء چندريگر روڊ، ڪراچي

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | آرزو (مختلف ليکڪ) | ختم ٿيل | 10-00 |
| 2 | سپنا | " | 6-00 |
| 3 | اسڪاء ليب | | 6-00 |
| 4 | سنگم | | 6-00 |
| 5 | ماڻڪ موتي | | 6-00 |
| 6 | صبح ازل | | 6-00 |
| 7 | امنگ | | 6-00 |
| 8 | تخليق جو موت | | 6-00 |
| 9 | ليڊر جو عشق | ختم ٿيل | 6-00 |
| 10 | آب - حيات | | 6-00 |
| 11 | مامتا | ختم ٿيل | 7-00 |
| 12 | سالگره نمبر | " | 7-00 |
| 13 | من تنها - منزل دور | | 15-00 |
| 14 | سندري اتم چنداڻي | ختم ٿيل | 10-00 |
| 15 | قمرشهبازجون چونڊ ڪهاڻيون | " | 15-00 |
| 16 | سنڌو (انڊيا جي برک ليکڪن جون ڪهاڻيون) | | 12-00 |
| 17 | جڏهن پونء ڦٽي (تاجل بيوس جي شاعري) | | 20-00 |
| 18 | انڌن جهليو پور (تاجل بيوس جو نثراڻو نظم) | | 12-00 |
| 19 | سنڌ جي سياسي جدوجهد (ڊاڪٽرلائق زرداري) | | 30-00 |
| 20 | حمل فقير (چونڊ مضمون) | | —— |
| 21 | ڪنواري ڌرتي: ليکڪ: ليونڊ بردزنيف<br>سنڌيڪار: منير چانڊيو | | 20-00 |
| | هر دل اندر هڪ ڪربلا خالد سنڌي (ڪهاڻيون) | | 20-00 |

